# ١٣. گُل ڪلايون اڱڻ ۾

## پڙهو، سمجهو ۽ ڳايو.



اڄ تہ ملي ڪري، هڪ باغ بڻايون اَڱڻ ۾،
ٻوٽو ٻوٽو پنهنجي هٿن سان، پاڻ لڳايون اَڱڻ ۾.

سوچيندي سوچيندي سال لڳي ويا، هرڪوئي هڪ ٻئي ڏي تڪي
ڇو نہ اڄ پنهنجي سوچ ملائي، جوت جڳايون اڱڻ ۾.

وقت ملڻ جو آيو آهي، ملي ڪري اُن ڳالهہ کي سمجهون،
تو ۾ مون ۾ هڪ ئي رب آ، ڇو نہ ويڇو وڃايون اڱڻ ۾.

هل تہ هلون گڏجي ڳولهيون ڪي، منظر رات سهانيءَ جا،
ڇو نہ سفر کي سهڻو بڻائي، جُهول جُهلايون اڱڻ ۾.

ڇو ”نردوش“ تو ذڪر ڪرين، آنڌي ۽ انڌياري جو،
ڇو نہ اَڄ پنهنجو ٻوٽو ٻاري، گُل ڪلايون اڱڻ ۾.

### نوان لفظ:

| | | | |
|---|---|---|---|
| تڪڻ = ڏسڻ | وِيڇو = دوُري، فاصلو | منظر = نظارا | ٻوٽو ٻارڻ = سٺو ڪم ڪرڻ. |

## اَڀياس

**سوال ١: هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جُملن ۾ لکو.**

١) اڱڻ ۾ جوت ڪڏهن جڳندي؟
٢) ڪوي گڏجي ڇا ڳولهڻ لاءِ چوي ٿو؟
٣) ڪنهن جو ذڪر ڪوي نٿو ڪرڻ چاهي؟

**سوال ٢: هيٺين سٽن جي معنيٰ لکو:-**

١) وقت ملڻ جو آيو آهي، ملي ڪري ان ڳالهہ کي سمجهوُن،
تون ۾ موُن ۾ هڪ ئي رب آ، ڇو نہ ويڇو وڃايوُن اڱڻ ۾.
٢) ڇو ’نردوش‘ تو ذڪر ڪرين، آنڌي ۽ انڌيا ري جو،
ڇو نہ اڄ پنهنجو ٻوٽو ٻاري، گل ڪلايوُن اڱڻ ۾.

**سوال ٣: بيت جي سٽن جا جوڙا ملايو.**

| | |
|---|---|
| ١) سوچيندي سوچيندي سال لڳي ويا | جهول جُهلايون اڱڻ ۾، |
| ٢) چو نہ اَڄ پنهنجي سوچ ملائي | هر ڪوئي هڪ ٻئي ڏي تڪي |
| ٣) هل تو هلون ڳڏجي ڳولهيون ڪي، | جوت جڳايون اڱڻ ۾ |
| ٤) چو نہ سفر ڪي سهڻو بڻائي | منظر رات سُهاڻيءَ جا |

## پورڪ اَڀياس

**شعر - بند تي مشغوليون**

سوچيندي سوچيندي .......... جهوڙ جُهلايون اَڱڻ ۾

**(i) هيٺ جملن سان لاڳاپو رکندڙ سٽون لکو:-**

١) سيني ۾ هڪ ئي ايشور آهي.
٢) ياترا وٺندڙ بڻايو.
٣) اَچو تہ پيڊ پاءُ مٽايون.
٤) سوچ ويچار ۾ چڱو عرصو گذري ويو.

**(ii) ليڪ ڏنل لفظ بدران برڪيٽ مان مناسب جواب چونڊي جملو وري لکو:-**

١) هرڪو ئي هڪ ٻي ڏي تڪي (نهاري، سڏي، ڏئي)
٢) منظر رات سهاڻي جا (چتر، نظارا، تارا)
٣) جوت جڳايون اڱڻ ۾ (پڌر، ڪمرو، ڇت)
٤) وقت ملڻ جو آيو آهي (سَمو، ڏينهن، سال)




**(iii) مثال موجب ڳول پريو:-**

**(iv) 'ڏياري' وشيہ تي مضمون لکو.**

**(٢) 'سوچيندي سوچيندي سال لڳي ويا.' اِن سٽ ۾ 'سوچيندي' لفظ ٻہ دفعا ڪم آيل آهي. اَهڙي طرح برڪيٽ مان مناسب جواب ڳولهي خال پريو.**

**(زار زار، آهستي آهستي، هلندي هلندي، پڇندي پڇندي)**

١) --------- هلندي ٻہ آخر ڪُمي اَورچائيءَ سان شرط کٽي.
٢) آخر ------ راڙا ڪي صحيح ائڊريس ملي ئي ويئي.
٣) رانديڪو ٽٽڻ ڪري ٻار --------- روئڻ لڳو.
٤) ٻنا ڏيان ڪري راجيش ------- ڏڪو ڪاڏو.

LYHJZZ



مهاراشٽر راڄيه پاٺيه پستڪ نرمتي و
اَڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل، پڻي.

₹ 30.00

सिंधी (अरे.) सिंधुभारती इयत्ता ८ वी

